# چيني شاعر لي بائي جا نظم

لي بائي جو شمار چين جي مشهور شاعرن منجهان هو. هو سن 701 عيسوي ۾ پيدا ٿيو جيڪو چين ۾ ٽينگ جي سلطنت جو زمانو هو. هن جي ڪلام ۾ قدرتي نظارا، دوستي جو لطف ۽ شراب سان سندس محبت جو ذڪر آهي. جيڪي ڪهاڻيون ان جي باري ۾ مشهور آهن انهن مان هڪ سندس موت جي باري ۾ آهي. چون ٿا ته هڪ پيري هو ٻيڙي ۾ سوار ٿي درياءَ ۾ ٿڌڙي هوا جو مزو وٺي رهيو هو. پاڻي ۾ ڪيس چنڊ جو عڪس نظر آيو، ان وقت هو نشي ۾ هو درياءَ ۾ چنڊ جي پاڇي کي ڏسي هو آپي مان ٻاهر نڪري ويو، چنڊ جي پاڇي کي جهنڊ لاءِ هن وچ درياءَ ۾ ٽپ ڏنو ۽ اهڙي طرح چين هڪ وڏي شاعر کان محروم ٿي ويو. (شايد اها ڪهاڻي سچي ناهي، ٿي سگهي ٿو ته لي بائي جهڙي ئي ڪنهن قدرتي نظارن جي عاشق جي اها ڪهاڻي گهڙي هجي.

سندس ڪجه نظم ڏجن ٿا.

خاموش رات ۾ ايندڙ خيال

پلنگ جي سامهون جهرمر چاندوڪي نظر ٿي اچي

سوچيان ٿو ته اهو پٽ تي وڇايل ڪوهيڙو ته ناهي؟

بستري تان ڪنڌ ڪڍي چنڊ کي تڪيان ٿو

۽ پوءِ ڪنڌ هيٺ لاڙي ٿو ڇڏيان، مونکي وطن جي ياد ٿي اچي.

جبل مٿي مندر ۾ گذاريل رات

مينار جي بلندي هڪ سئو فوٽ آهي

هٿان هٿ وڌائي، چنڊ کي توڙي سگهجي ٿو

جرئت ناهي مونکي جو بلند آواز ۾ ڳالهايان

ڪٿي جنت جا رهواسي پريشان نه ٿي وڃن.

چنگ ٿنگ جي ٽڪريءَ تي آنءُ

پري کان هو مٿي اڏامندڙ پکين جو ولر

پٽڪيل، هڪ اڪيلو ڪڪر

اسان ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسندا ئي رهياسين

نه هو پوڙهو ٿيو ۽ نه ڪي آنءُ

اسين ٻئي اڪيلا آهيون. چنگ ٿنگ ۽ آنءُ

.............

**سنڌي ۾ ترجمو**

**عطيه دائود**

KAHANI CHAMAN
ڪهاڻي چمن